# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1986

# اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986

# THE N.E.D UNIVERSITY ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act III of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Act III of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act III of 1977

.5 1977 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعه 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act III of 1977

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1986

# اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986

# THE N.E.D UNIVERSITY ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1986

[30 جولائي، 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، هن ڪري اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري

| | |
|---|---|
| | آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1)جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ ڪرڻ فرمايو آهي. |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي اين. اي. ڊي يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act III of 1977 | 2. اين اي ڊي يونيورسي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2، جي شق (m) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>"(mm) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛". |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of | 3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛". |

section 15 of Sindh Act III of 1977

1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act III of 1977

4. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛”.

1977 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعہ 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act III of 1977

5. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛”.

6. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

("پرو وائيس چانسيلر) 28_A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ کيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر کيس ڪم سونپي."

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**